ABC CERTIFIED

واڪا ڪبا وس - مارو ملڪ ملير لئ

روزانہ

ڪراچي ۽ سکر مان هڪ ئي وقت شايع ٿيندڙ

واڪا

Daily WAKA

(جلد 07) اربع 12 جولاءِ 2017ع بمطابق 17 شوال المکرم 1438ھ (قيمت 07 روپيا) شمارو_345

آبادي جي عالمي ڏهاڙي تي پاپوليشن ڪاٽي پاران سڄي سنڌ ۾ سيمينار

ماڻهن کي بااختيار ڪرڻ سان ئي قومن جي ترقي ممڪن آهي ۽ اسان کي گهرجي ته آبادي تي ڪنٽرول ڪرڻ کپي

اسان کي عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ گهرجي، ننڍو خاندان خوشحال خاندان هوندو آهي، مائرن کي گهرجي ته ٻارجي پيدائش ۾ وقفو ڪن

هن وقت ملڪ اندر ڏينهون ڏينهن آبادي جو دٻاءُ وڌندو پيو وڃي، معاشي ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ آبادي تي ڪنٽرول تمام ضروري آهي

آبادي جو عالمي ڏهاڙي تي اسان سڀني کي وچن ڪرڻ گهرجي ته خاندائي منصوبندي تي عمل ڪيون ته ملڪ ترقي ۽ خوشحال ٿيندو: سيمنارن کي خطاب

ڪراچي/حيدرآباد/سکر/لاڙڪاڻو/دادو/خيرپور (نمائندن وٽان) عالمي آبادي جي ٻين الاقوامي ڏهاڙي جي مناسبت سان پاپولشين ويلفيئر ڪاٽي سڄي سنڌ ۾ سيمينار ڪرايا ويا ۽ انهن سمينارن کي مختلف اڳواڻ خطاب ڪندي

/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

آبادي جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سيمينار ۽ مختلف ريليون ڪڍيون ويون وڃن

بقايا *** 20

چيو ته ماڻهن کي بااختيار ڪرڻ سان ئي قومن جي ترقي ممڪن آهي ۽ اسان کي گهرجي ته آبادي تي ڪنٽرول ڪرڻ کپي ۽ اسان کي عوام جاڳرتا پيدا ڪرڻ گهرجي ته ننڍوخاندان خوشحال خاندان هوندو جنهن لاءِ مائرون کي گهرجي ته ٻارجي پيدائش ۾ وقفو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي ان عمل سان ماءُ ۽ ٻارصحتمند هوندا ته ان سان به قومون جي ترقي ممڪن آهي اج آبادي جو عالمي ڏهاڙي تي اسان سڀني کي وچن ڪرڻ گهرجي ته خاندائي منصوبندي تي عمل ڪيون ته ملڪ ترقي ۽ خوشحال ٿيندو۽ عوام به سڀني زندگي گذاريندو اهوپيغام هرماڻهوتائين پهچائڻ گهرجي ان جي لاءِ پاپولشين ويلفيئر ڪاٽو، غيرسرڪاري تنظيمون هينڊز، ماري اسٽوسيس سوسائٽي شهرن ، ٽوڙي ٻهراڙين ۾ عوام کي بهترڪان بهترسهوليتون فراهم ڪري رهيون آهن جنهن مان وڏ ۾ وڏ لاڀ حاصل ڪري رهيون آهن سيمينار بعد ڊسٽرڪٽ مئنيجر هينڊز ڊاڪٽر عبدالعزيز ٻهر، ذوالفقار جتوئي، ماري اسٽوسيس سوسائٽي مئنيجر تهمينه ملاح، ڊسٽرڪٽ پاپولشين ويلفيئرآفيسرڊٽي بخش بلوچ جي اڳواڻي ۾ پاپولشين ويلفيئر آفيس مان ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهرجي مختلف روڊن ۽ رستن تان گذرندي ماري اسٽوسيس تائين پهچائي تي پهتي